SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر II مجریہ 1991

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1991

سندھ سروس ٹربیونلز (ترمیم) آرڈیننس، 1991

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short Title and commencement

2. 1973 جي سندھ ايڪٽ XV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سندھ ايڪٽ XV ۾ دفعات 3-B، 3-C، 3-D جي شموليت
Insertion of Section 3-B, 3-C, 3-D of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سندھ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1991
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1991
سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991
THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

[30 جنوري1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ

2.سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (c)

2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act XV of 1973

۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کان اڳ، لفظ ۽ انگ "يا دفعہ 3-B" وڌايا ويندا.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعات 3-B، 3-C، 3-D جي شموليت
Insertion of Section 3-B, 3-C, 3-D of Sindh Act XV of 1973

3. جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3-A کانپوءِ هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون:

(ماتحت عدليہ جي ميمبرن لاءِ ٽربيونل) "3-B. جيستائين ڪجهہ دفعہ 3 ۾ شامل نہ هجي، هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ جي ٽن ججز تي ٻڌل ٽربيونل قائم ڪري سگهي ٿو، جن مان سڀ کان وڌيڪ سينئر چيئرمين هوندو ۽ ٻيا ٻہ جج ٽربيونل جي ميمبر طور ڪم ڪندا ۽ اهڙيءَ ريت قائم ڪيل ٽربيونل کي ماتحت عدليہ جي ميمبرن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن ۾ مڪمل دائره اختيار حاصل هوندو، بشمول انظباطي معاملن جي."

(دفعہ 3-B تحت ٽربيونل تي دفعہ 3-A لاڳو نہ ٿيندو) "3-C. دفعہ 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل تي دفعہ 3-A ۾ شامل ڪجهہ بہ لاڳو نہ ٿيندو."

(التوي هيٺ ڪيسن جي منتقلي) "3-D. ماتحت عدليہ جي ميمبرن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل سمورا معاملا جيڪي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 جي شروعات کان فوري اڳ دفعہ 3 ۾ جاڻايل ٽربيونل جي سامهون التوي هيٺ هوندا، اهي دفعہ 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل کي منتقل ٿي ويندا."

1973 جي سنڌ
4. جاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾

ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو: "بشرطيڪ دفعہ 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل جي سلسلي ۾ قاعدا هاءِ ڪورٽ جي مشاورت سان جوڙيا ويندا." نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973